شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي
حضرت علامه و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه جو تحريري گلدستو

# امير اهل سُنت کان

# مَحبَّتِ رسُول

## جي باري ۾ 14 سوال جواب



جڏهن جي دل نبي جي جدائي ۾ غمگين نه ٿي اهو ڇا ڪري؟

ڪپڙا تي نعلين پاڪ يا مقدس نالو لکي ڪري پيرن سان ڪٽڻ ڪيئن

عشق رسول سان جيئڻ جو مطلب ڇا آهي؟

گستاخي رسول تي مشتمل ويڊيو اسان ۽ اڳتي موڪلڻ ڪيئن؟

شيخ طريقت، امير اهل سنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَ الله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج۱ ص۴۰ دار الفکربيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **امیرِ اهلسنّت کان مَحبتِ رسول جي باري ۾ 14 سوال جواب**

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو رسالو

# اميرِ اهلسنّت کان مُحبت رسول جي باري ۾ 14 سوال جواب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# امير اهلِ سنت کان محبتِ رسول جي باري ۾ 14 سوال جواب

دعاءِ خليفۂِ عطار: يارَبَّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”اميرِ اهلسنّت کان مَحبتِ رسول جي باري ۾ 14 سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي مَحبتِ رسول ۾ تڙپڻ واري دل ۽ عشقِ نبي ۾ ڳوڙها ڳاڙڻ واري اک عطا فرماءِ ۽ ان جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو مومن جمعي جي رات ٻن رڪعتن سان ڳڏ اهڙي طرح نماز پڙهي، جو هر رڪعت ۾ سورة فاتحه کان پوءِ 25 پيرا ”قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ“ پڙهي، پوءِ هي درود شريف ”صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ“ هزار پيرا پڙهي ته ايندڙ جمعي کان اڳ خواب ۾ منهنجي زيارت ڪندو ۽ جنهن منهنجي زيارت ڪئي الله پاڪ ان جا گناهه معاف فرمائي ڇڏيندو.

(القول البديع ص 383)

مٿي بيان ڪيل درود شريف جي فضائل ۾ شيخ عبد الحق محدّث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن هڪ هزار پيرا هي درود شريف پڙهندو ته اهو سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خواب ۾ زيارت ڪندو يا جنت ۾ پنهنجي منزل ڏسندو، جيڪڏهن پهرين ڀيري مقصد پورو نه ٿئي، ته ٻئي جمعي تي به ان کي پڙهي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! پنجن جمعن تائين ان کي سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿي ويندي. (تاريخ

مدينه، ص343)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

سوال: پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيتري محبت ڪرڻ گهرجي؟
جواب: پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان پنهنجي ماءُ پيءُ، اولاد ۽ هر پياري شيءِ کان وڌيڪ محبت ڪرڻ ضروري آهي.[1] توهان هر جمعي تي خطباتِ رضويه ۾ ٻڌندا هوندا: اَلَا لَاۤ اِيْمَانَ لِمَنْ لَّا مَحَبَّةَ لَهٗ يعني خبردار! ان جو ايمان

---

1 رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ يعني اوهان مان ڪو به شخص ان وقت تائين مڪمل مومن نه ٿو ٿئي سگهي جيستائين مان ڪيس سندس پيءُ، اولاد ۽ سيني ماڻهن کان وڌيڪ محبوب نه ٿي وڃان. (بخاری،1/17،حدیث:15)
هن حديث پاڪ جي حوالي سان شيخ عبدالحق محدث دِهلوي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: مومن ڪامل جي ايمان جي نشاني اها آهي ته مومن جي ويجهو رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني شين ۽ سيني ماڻهن کان وڌيڪ محبوب ۽ معظّم هجن. هن حديث ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وڌيڪ محبوب هجڻ جو مطلب اهو آهي ته حقوق جي ادائيگي ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏئي اهڙيءَ طرح جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آندل دين کي تسليم ڪري، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن جي پيروي ڪري، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ۽ ادب ڪري، هر شخص ۽ هر شيءِ يعني پنهنجي ذات، پنهنجي اولاد، پنهنجي ماءُ پيءُ، پنهنجن عزيزن ۽ مال تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا ۽ خوشي کي ترجيح ڏئي. جنهن جي معنيٰ هي آهي ته پنهنجي هر پياري شيءِ ايستائين جو پنهنجي جان وڃڻ تي به راضي رهي پر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حق کي دٻايو وڃڻ کي هرگز قبول نه ڪري. (اشعةاللمعات،50/1 ملخصاً)

ناهي جنهن کي سرڪارصلَّی اللہ علیہِ واٰلہٖ وسلَّم سان محبت ناهي. (خطباتِ رضويه، ص 6. دلائل الخيرات، ص47)

محبت غیر کی دِل سے نکالو یارَسُولَ اللہ مجھے اپنا ہی دِیوانہ بنالو یارَسولَ اللہ

(ملفوظاتِ امیر اہل سنّت،419/4)

سوال: اعلیٰ حضرت رحمۃُ اللہ علیہ جي عشقِ رسول جي باري ۾ ڪجھ بيان ڪريو.

جواب: اعلیٰ حضرت رحمۃُ اللہ علیہ جو عشقِ رسول بہ بي مثال هو. جيڪڏهن ڪنهن کي ٿورو گهڻو سمجھ ۾ اچي تہ اهو اعلیٰ حضرت رحمۃُ اللہ علیہ جي نعتيہ ڪلام حدائقِ بخشش کي ٿورو ٿورو ياد ڪرڻ شروع ڪري اِن شاءَ اللّٰہ اهو وڏو عاشقِ رسول بڻجي ويندو. جنهن شيءِ کي سرڪارصلَّی اللہ علیہِ واٰلہٖ وسلَّم سان نسبت حاصل آهي اعلیٰ حضرت رحمۃُ اللہ علیہ ان شيءِ جو ادب ڪندا هئا، ايستائين جو پاڻ رحمۃُ اللہ علیہ مديني جي ڪُتي جو بہ ادب ڪندا هئا ۽ ان حوالي سان پاڻ رحمۃُ اللہ علیہ حدائقِ بخشش ۾ اشعار بہ لکيا آهن، جيئن تہ هڪ مقام تي پاڻ رحمۃُ اللہ علیہ فرمائن ٿا:

رضا کسی سگِ طیبہ کے پاؤں بھی چومے تم اور آہ کہ اتنا دماغ لے کے چلے

(حدائق بخشش، ص371)

هن شعر ۾ اعلیٰ حضرت رحمۃُ اللہ علیہ پاڻ کي مخاطب ڪري ارشاد فرمائي رهيا آهن تہ "اي رضا! ڪڏهن تو مديني جي ڪتن جا پير بہ چميا آهن؟ توکي ايتري سمجھ ناهي تہ مديني جي ڪتي جا پير چميا ويندا آهن."

ڪجھ عقلمندن جي سمجھ ۾ اهڙا شعر نہ ايندا آهن، جنهن جي ڪري اهي تنقيد ڪرڻ لڳندا آهن. اها قسمت جي ڳالھ آهي تہ ڪو تنقيد ڪندو آهي ۽ ڪو الله پاڪ جي وليّن جي پنيان هلي پنهنجي لاءِ جنت جو سامان ڪندو آهي. جڏهن اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ مديني جي ڪتن جو ايترو ادب ڪندا آهن تہ پوءِ مديني سان نسبت رکڻ وارن ٻين جانورن جو ڪيترو ادب ڪندا هوندا، پوءِ جيڪي مديني واري سان نسبت رکن ٿا جيئن صحابہ ڪرام رضی اللہ عنھم، اهلِ بيت اطهار ۽ ساداتِ ڪرام انهن جو ڪيترو اَدب ۽ احترام ڪندا هوندا. عام ماڻهو ساداتِ ڪرام جو ڪيترو ادب ڪندا آهن اها مون کي خبر آهي ۽ توهان کي بہ ان جو تجربو هوندو. الحمد لله! دعوتِ اسلامي وارا ساداتِ ڪرام جو وڏو ادب ڪندا آهن ۽ اهو سڄو اَدب منهنجي آقا اعلیٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ جي فيض مان ورهايو ويو آهي.

مصطفٰے کا وہ لاڈلا پیارا | واہ کیا بات اعلٰی حضرت کی
غوثِ اعظم کی آنکھ کا تارا | واہ کیا بات اعلٰی حضرت کی
سُنّیوں کے دِلوں میں جس نے | شمعِ عشقِ رسُول روشن کی تھی
وہ حبیبِ خُدا کا دِیوانہ | واہ کیا بات اعلٰی حضرت کی

(وسائل بخشش، ص575)

(ملفوظات امیر اہل سنّت، 303/1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

سوال: جنهن کي مديني وڃڻ جي تڙپ نہ هجي ۽ نہ ئي سندس دل نبي صَلَّی اللّٰہ علیہِ والہٖ وسلّم جي جدائي ۾ غمگين ٿئي، تہ اهو ڇا ڪري؟

جواب: جنهن کي سرڪار صَلَّی اللّٰہ علیہِ والہٖ وسلّم جي عشق ۾ روئڻ نہ اچي ۽ غم جي ڪيفيت پيدا نہ ٿئي تہ اهو ڪوشش ڪري روئڻ جهڙو چهرو بڻائي ڇوتہ سنن جي نقل ڪرڻ بہ سٺو ڪم آهي پر هي روئڻ ڏيکاءُ لاءِ نہ هجي. اهي آقا صَلَّی اللّٰہ علیہِ والہٖ وسلّم جيڪي اسان جي غم ۾، اُمَّت جي غم ۾ ڳوڙها وهائيندا رهيا، اسان کي ياد ڪندا رهيا، جڏهن دنيا ۾ آيا تہ پيدا ٿيندي ئي رَبِّ هَبْ لِیْ اُمَّتِیْ [1] (يعني اي اللہ! منهنجي اُمت مون کي بخشي ڇڏ، مون کي ڏئي ڇڏ، مون کي هبہ ڪر) جن جي لبن تي هو. ان آقا صَلَّی اللّٰہ علیہِ والہٖ وسلّم معراج ۾ بہ اُمت کي ياد ڪيو. (سرور القلوب بذکر المحبوب، ص95) جڏهن قبر اَنور ۾ تشريف ڪٽي ويا تڏهن بہ سندس مبارڪ چپ هِلي رهيا هئا جڏهن ڪن ويجهو ڪري ٻڌو ويو تہ "اُمَّتِی اُمَّتِی" يعني "منهنجي اُمت، منهنجي اُمت" چئي رهيا هئا.[2] اڄ بہ آقا صَلَّی اللّٰہ علیہِ والہٖ وسلّم "اُمَّتِی اُمَّتِی" چئي رهيا آهن.

(کنزالعمال، جز:14، 7/178، حديث:39108)

ڪڏهن ڪڏهن انسان جا ڪن وڄندا آهن تہ ان وقت درود شريف پڙهڻ مستحب آهي. اعليٰ حضرت رحمۃُ اللّٰہِ علیہ لکن ٿا تہ هي آقا صَلَّی اللّٰہ

---

1 ... فتاویٰ رضويہ، 30/712
2 ... مدارج النبوت، 2/442

عليه‌واله‌وسلّم جي "اُمَّتِی اُمَّتِی" فرمائڻ جي آواز آهي.(فتاویٰ رضویہ،30/712)
بعض اوقات هي آواز جنهن کي ربّ چاهيندو آهي ان کي ٻڌايو ويندو آهي، ان جي هڪ علامت هي هوندي آهي ته ان جا ڪن وڄندا آهن تنهنڪري ان وقت درود شريف پڙهيو وڃي.
جيڪي آقا صلّی الله عليه‌واله‌وسلّم اسان کي ايترو ياد فرمائن، ميزانِ عمل تي پنهنجي گنهگار اُمّتين جي نيڪين جي پلڙي کي وزني بڻائن ۽ پلصراط تان غلام گذرن ته ان وقت سجدي ۾ وڃي "رَبِّ سَلِّمْ اُمَّتِیْ" يعني "اي پروردگار! منهنجي اُمّت کي سلامتي سان گذار" جون دعائون ڏين. (ترمذی،4/195،حدیث:2441بتغیر قلیل) ۽ شفاعت فرمائين هاڻي اهڙي آقا صلّی الله عليه‌واله‌وسلّم جي محبت دل ۾ چونه پيدا ٿيندي؟
اهڙي طرح انهن ڳالهين ۽ سندن روئڻ کي ياد ڪريو، ان شاءَ الله دل ۾ عشق جون ڪيفيتون پيدا ٿينديون ۽ روئڻ جي به ڪيفيت پيدا ٿي سگهندي، جيئن مولانا حسن رضا خان رحمۃ الله عليه جو دل تي اثر ڪندڙ هي شعر آهي.

ہائے پھر خندۂ بیجا مِرے لَب پر آیا　　ہائے پھر بھول گیا راتوں کا رونا تیرا

(ذوقِ نعت، ص25)

خندهءِ بي جا معنٰي فضول کلڻ، لب معنٰي چپ يعني يعني مولانا حسن رضا خان رحمۃ الله عليه پنهنجو پاڻ کي مخاطب ٿي فرمائن ٿا:
”افسوس! منهنجي فضول کِل نکري وئي، يارسول الله صلّی الله عليه‌واله‌وسلّم! اوهان اسان اُمّتين لاءِ راتين جو جيڪو روئندا رهيا مون اهو وساري ڇڏيو، غفلت ۾ پئجي ويس ۽ فضول کلي رهيو آهيان.“

هي بہ ياد ڪرڻ جو هڪ انداز آهي. ان کان علاوه عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ ويهو، 72 نيڪ عملن تي عمل ڪريو ۽ عاشقانِ رسول سان مدني قافلن ۾ سفر ڪريو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عشقِ رسول ۾ روئڻ جي خوبي نصيب ٿي ئي ويندي. الله پاڪ اسان سيني کي پنهنجي پياري محبوب صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي ياد ۾ روئڻ واريون اکيون عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم

یادِ نبیِ پاک میں روئے جو عمر بھر    مولیٰ مجھے تلاش اُسی چشمِ تر کی ہے
(ذوقِ نعت، ص144)

(ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت، 385/1)

سوال: مان هڪ بيڪري تي ڪم ڪندو هئس اُتي 12 ربيع الاول جي مهيني ۾ نعلين پاڪ جا ڪيڪ تيار ڪيا ويندا هئا. ڪجھ ڪيڪن تي "الله" يا "محمد صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم" جا نالا لکيا ويندا هئا. ماڻهو اهي ڪيڪ گهر وٺي وڃي ڇري سان ڪٽيندا هئا. منهنجو سوال اهو آهي تہ ائين ڪرڻ صحيح آهي يا غلط؟ ۽ نالو لکڻ وارن کي بہ گناهہ ٿي سگهي ٿو يا نہ؟

جواب: ڪيڪ تي نالا لکڻ جي حوالي سان ڪيترائي ڀيرا عاشقانِ رسول کي سمجهايو آهي. گهڻا ماڻهو هاڻي ائين نٿا ڪن ۽ جيڪي هاڻي بہ ائين ڪن ٿا تہ انهن کي سمجهڻ گهرجي تہ جنهن پياري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جو مبارڪ نالو چمندا آهيون، فريم ڪرائي لڳائيندا آهيون، انهن جي نالي تي جان قربان ڪندا آهيون پوءِ انهيءَ مقدس نالي کي ڪيڪ تي لڳائي هٿ ۾ ڇُري پڪڙي وٺندا آهيون. توهان جي عشق کي ڇا ٿي ويو آهي؟ ٿورو سوچيو تہ سهي

توهان چا ڪرڻ لڳا آهيو؟ مون ڪي تہ اهو چوندي بہ مزو نٿو اچي تہ مان لفظن ۾ ان کي بيان ڪريان. وري اهو جو نعلِ پاڪ، جنهن کي اسان مٿي تي لڳائيندا آهيون ۽ اها خواهش رکندا آهيون.

جو سَر پہ رکھنے کو مِل جائے نعلِ پاکِ حضور
تو پھر کہیں گے کہ ہاں تاجدار ہم بھی ہیں

(ذوقِ نعت، ص188)

نقشِ نعلِ پاڪ جي عظمت تي قربان! عاشقانِ رسول چڱي طرح سمجهي سگهن ٿا تہ نعلين پاڪ جي ڪيتري شان ۽ عظمت آهي پر پوءِ خبر ناهي ڪجهہ ماڻهن کي ڇا ٿي ويندو آهي جو ان کي ڪيڪ تي ناهي هٿ ۾ ڇُري ڪٽي ونندا آهن. اهڙو عمل بي ادبي آهي تنهنڪري هن بي ادبي کان بچڻ گهرجي چوتہ باادب بانصيب.[1] (ملفوظات امير اهل سنت، 399/2)

سوال: مدني چينل تي اسان اوهان جا مڪي پاڪ ۽ مديني پاڪ جي حاضري جا منظر ڏٺا آهن پر مواجهہ شريف تي توهان جي حاضري جا منظر ناهن ڏٺا ان حوالي سان ڪجهہ ارشاد فرمائيندا.

جواب: ڪافي سال ٿي ويا آهن، مون مواجهہ شريف تي حاضري

---

1 اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت مولانا شاه امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: (ڪاڏي جي ڪنهن شيءِ تي) بي جان شيءِ جي تصوير ناهڻ جيتوڻيڪ جائز آهي پر ديني لحاظ سان وڏي عظمت واري شيءِ جيئن جامع مسجد وغيره جون تصويرون ناهڻ ۽ پوءِ انهن کي ٽوڙڻ ۽ ڪاٽڻ ادب جي خلاف ٿيندو ۽ اها ئي بري نسبت بہ لازم ايندي جو فلاڻي شخص مسجد ٽوڙي ڇڏي مسجد کي ڪاٽي ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ اهلِ عرف تصوير کي اصل شي جي نالي سان ئي ياد ڪندا آهن. (فتاویٰ رضویہ، 560/24 بتقدم وتاخر)

ناهي ڏني چو تہ مون پنهنجو پاڻ کي ان قابل ناهي سمجهيو تہ روبرو حاضر ٿيان تنهنکري هر کنهن جو پنهنجو پنهنجو ذوق هوندو آهي.

**مواجهہ شريف تي حاضري نہ ڏيندڙ بزرگ**

مشهور سني عالمِ دين ۽ عاشقِ رسول حضرت علامہ يوسف نبهاني رحمۃ اللہ علیہ، جيڪي سيدي قطبِ مدينہ رحمۃ اللہ علیہ جي دور جا بزرگ هئا، انهن جي باري ۾ حضرت علامہ محمد شريف کوٹلوي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا تہ مان مسجدِ نبوي شريف جي دروازي بابُ السّلام تي هڪ نوراني چهري واري بزرگ کي ڏسندو هئس. هڪ ڀيرو مون ان بزرگ سان ملاقات ڪئي ۽ پنهنجو تعارف ڪرائي پڇيو: اوهان صرف هتي نظر ايندا آهيو مون توهان کي مواجهہ شريف تي ڪڏهن ويندي ناهي ڏٺو. انهن فرمايو: هي سرڪار صلی اللہ علیہ والہ وسلّم جو ڪرم آهي جو مون کي پنهنجي دروازي تائين اچڻ جي اجازت ڏني آهي ۽ مان دروازي تي پهچي ويو آهيان. مان مواجهہ شريف تي انهيءَ ڪري ناهيان ايندو چوتہ ڪتي جو ڪم گهر جي دروازي تي پهرا ڏيڻ هوندو آهي اهو گهر جي اندر ناهي ويندو." ائين هنن محبت ڀريو جواب ڏنو هو.

(جواهرالبحار، پيش لفظ، ص 10، ملفوظات امير اهل سنت، 233/3)

سوال: هي خواهش ڪرڻ ڪيئن تہ سرڪار صلی اللہ علیہ والہ وسلّم جيان منهنجي عمر بہ 63 سال ٿئي.

جواب: برابري جي خواهش نہ ڪري ٿوري گهٽ جي ڪري. مون بہ اها خواهش ڪئي هئي ۽ بار بار ان جو اظهار بہ ڪيو هو پر مان هاڻي اها عمر گذاري چڪو آهيان، جيڪا مالڪ جي مرضي،

خواهش ڪرڻ ۾ چا ٿو وڃي! هي عشق ۽ محبت جي ڳالهه آهي. (**ملفوظات امير اهل سنت**، 181/4)

**سوال:** عشق رسول سان جيئڻ جو ڇا مطلب هوندو آهي؟

**جواب:** انسان کي ماءُ پيءُ سان محبت هوندي آهي ۽ هجڻ به گهرجي. اهڙي طرح اولاد سان به محبت هوندي آهي تڏهن ئي ان کي ڪمائي ڪارائيندا آهن، عيد جي ڏينهن انهن کي سٺا ۽ قيمتي ڪپڙا پارائيندا آهن، ان جي علاج ۽ دوا دَارُو جو انتظام ڪندا آهن، جڻ ته پنهنجو سڀ ڪجهه اولاد لاءِ قربان ڪندا آهن. ته پوءِ الله جي پياري محبوب صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم سان ماءُ پيءُ، اولاد، پنهنجي مال ۽ دنيا جي هر شيءِ کان وڌيڪ محبت هجڻ گهرجي. (**بخاري**، 17/1، **حديث**: 15) جڏهن اسين پنهنجي اولاد لاءِ ايترو ڪجهه ڪندا آهيون ته سرڪار صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم کي خوش ڪرڻ لاءِ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي؟ جڏهن محبت وڌي ويندي آهي ۽ گهٽي ٿي ويندي آهي ته ان کي عشق چيو ويندو آهي. (احیاء العلوم، 29/5۔احیاء العلوم(مترجم)، 68/5(68/5) اسان کي عشق رسول ۾ زندگي گذارڻ گهرجي ۽ عشق رسول جو اعلیٰ درجو اهو ئي آهي ته سرڪار صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جو انداز ۽ طور طريقا اپنائجن، انهن جي نقش قدم تي هلجي، انهن جي سنتن تي عمل ڪيو وڃي ۽ انهن جي حڪمن تي پوري طرح عمل ڪيو وڃي. جيئن سرڪار صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم نماز جو حڪم ڏنو ته نماز پڙهون، روزن جو حڪم ڏنو ته روزا رکون، گناهن کان بچڻ جو چيو ته گناهن کان بچندا رهون، سٺي اخلاق ۽ اعلیٰ ڪردار سان زندگي گذاريون. اهي سڀ شيون ڪرڻ وارو عملي طور به عاشق رسول آهي. نه ته جيڪو گنهگار آهي ته اهو به

عاشقِ رسول ٿي سگهي ٿو. (ملفوظات امير اهل سنت، 182/4)

سوال: سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڏاچي جي نالي سان "رضي الله عنها" لکي سگهجي ٿو؟

جواب: ماشاءالله! تمام دلچسپ سوال آهي. پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڏاچي جو نالو "قصوا" هو. (تفسير روح البيان، پ 14، النحل، تحت الآية: 7، 8/5) هي وڏي عاشق رسول ڏاچي هئي. جڏهن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وفات ٿي تہ هن ڏاچي چارو کائڻ ڇڏي ڏنو، نہ کائيندي هئي، نہ پاڻي پيئندي هئي، اهڙي طرح بُک ۽ اُڃ ۾ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي غم ۾ پنهنجي جان ڏئي ڇڏي. (تفسير روح البيان، پ14، النحل، تحت الآية:7، 5/8-9 ماخوذاً) جانور مڪلف ۽ شريعت جا پابند ناهن هوندا، (فتاويٰ رضويہ، 382/16) انهن کي نہ گناهہ ملندو آهي ۽ نہ ئي ثواب. "رضي الله عنه" هڪ دعا آهي، ان جي معنيٰ آهي: "الله پاڪ ان کان راضي ٿئي." اهو جملو گهڻو ڪري صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جي نالن سان استعمال ٿيندو آهي. ولي جي نالي سان بہ ان کي استعمال ڪرڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي، ان صورت ۾ ان جملي جي معنيٰ ٿيندي: "الله ان کان راضي ٿئي." (فتاويٰ رضويہ، 390/23) صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جنتي آهن، پر انهن لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي، (خزائن العرفان، پ 28، الحشر، تحت الآية: 10، ص 1011) بلڪ قرآن شريف ۾ ان جو ذڪر آهي. (صراط الجنان، پ 28، الحشر، تحت الآية: 10، 77/10) جانورن سان "رضي الله عنه" ناهي چيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪو چئي ٿو تہ ماڻهو ان جو مذاق اُڏائيندا، کلندا، اُلجهن ۾ پوندا ۽ حيرت ڪندا. اهڙو ڪوبہ ڪم شريعت کي پسند نہ آهي جيڪو ماڻهن ۾ بي سبب بحث جو

موضوع بڻجي. انهن ڳالهين کان بچڻ گهرجي جيڪي ڪنن کي بُريون لڳن، جو ته ان سان مسئلا پيدا ٿيندا آهن. (ملفوظات امير اهل سنت، 207/4)

سوال: دل ۾ عشقِ رسول ڪيئن وڌائي سگهجي ٿو؟

جواب: سرڪار صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ عشق رسول وڌائڻ جو بهترين ذريعو آهي. وڌيڪ اهو ته حضور صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان تي جيڪي احسانات ڪيا آهن، انهن کي ياد ڪرڻ سان به محبت ۾ اضافو ٿيندو آهي. جوته اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اُمَّت جي بخشش لاءِ روئيندا هئا، (مسلم، ص 109، حديث: 499) حالانڪ ڪير بين لاءِ روئي ٿو! اسان جا آقا صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي لاءِ نہ روئيندا هئا، پر اسان لاءِ روئيندا هئا. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قبر ۾ به انهن جو ساٿ ملندو، انهن جو ڪرم شامل حال رهيو ته نزع جي وقت ۾ به جلوو ڏيکاريندا، ايتري تائين جو قيامت جي ڏينهن پُل صراط تان اُمت گذري رهي هوندي ۽ هيءُ بارگاهه خداوندي ۾ رَبِّ سَلِّمْ!رَبِّ سَلِّمْ! عرض ڪري رهيا هوندا ته ياالله! منهنجي اُمَّت کي سلامتي سان پار ڪر. (مسلم، ص106، حديث: 482) جتي اعمال توريا پيا ويندا، اتي به پيارا آقا صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجن غلامن جي نيڪين جو پلڙو ڳرو ڪري رهيا هوندا، (ترمذي، 195/4، حديث: 2441) اتي به دعائون ٿي رهيون هونديون اهڙي طرح شفاعت فرمائيندا. هن طرح سرڪار صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا احسانات ايترا آهن جو اسان ڳڻي نہ ٿا سگهون. انهن احسانن کي ياد ڪندو رهڻ سان به محبت وڌندي رهندي. برادرِ اعلیٰ حضرت مولانا حسن رضا خان

صاحب رحمۃُ اللہِ علیہ جو هڪ شعر آهي:

شکر ایک کَرَم کا بھی اَدا ہو نہیں سکتا　　دِل تم پہ فِدا جان حَسَن تم پہ فِدا ہو

(ذوقِ نعت، ص144)

(ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت، 225/5)

سوال: هن شعر جي وضاحت ڪندا:

جسے مِل گیا غمِ مصطفٰے، اُسے زندگی کا مزہ ملا　　کبھی سَیلِ اشک رواں ہوا کبھی آہ دل میں دبی رہی

جواب: هن شعر جو مطلب اهو آهي ته جنهن کي سرڪارِ مدينه صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جو عشق ملي ويو، ان کي غمِ مصطفیٰ ملي ويو، يعني ان کي زندگي جو اصل مزو ملي ويو، ڇو ته عشق رسول واري زندگي ئي اصل زندگي آهي. ڪڏهن محبتِ مصطفيٰ ۾ اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ ڪڏهن ڳوڙها نه نڪتا پر محبت دل ۾ ئي دٻيل رهي. مولانا حسن رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا.

اے آہ! میرے دل کی لگی اور بجھی سے　　کیوں تونے دھواں سینۂ سوزاں سے نکالا

(ذوقِ نعت، ص60)

يعني آهه ٻاهر نڪتي ته ٿڌاڻ ٿي وئي، ته اي آهه! تون ٻاهر ڇو نڪتي؟ جيڪڏهن ٻاهر نه نڪري ها ته وڌيڪ پڙڪي ها، پوءِ ڇون ٿا ته عشق ۾ سڙندي سيني مان تو ڌونهون ڇو ڪڍيو جيڪڏهن دل سڙندي رهي ها ته ان جو پنهنجو لطف هيو.

(ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت، 25/8)

**سوال:** انسان ڪيئن سرڪار صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جو محب بڻجي سگهي ٿو؟

جواب: جنهن سان مَحبّت وڌائڻي هجي اُن جون خوبيون معلوم ڪيو. اسان جا پيارا آقا صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم عطاءِ الٰهي سان تمام خوبين جا جامع آهن، سندن جيتريون خوبيون معلوم هونديون اُوترو عشق رسول وڌندو ويندو، لهٰذا سيرت جو مطالعو ڪيو ۽ سندن دين جي خاطر ڏنيون ويندڙ قربانين، پڻ اُمَّت تي آقا ڪريم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جي شفقت جي انداز جي معلومات حاصل ڪيو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عشق رسول وڌندو. وڌيڪ هي ته دُرود شريف جي ڪثرت ڪيو. سرڪارِ اعليٰ حضرت اِمام اَحمد رضا خان رحمۃُ اللہ علیہ هڪ نسخو اهو به بيان فرمايو آهي ته ”خُوش اِلحان قاري کان قرآن ڪريم جي تلاوت ٻڌڻ سان الله پاڪ جي محبّت وڌندي آهي ۽ خوش اِلحان نعت خوان سان نعت شريف ٻڌڻ سان عشق رسول ۾ اضافو ٿيندو آهي“.
(ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص173)

نعتون به اهي ٻڌو جيڪي شريعت جي مطابق هجن، جيئن اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہ علیہ اهڙا عاشق رسول آهن جو سندن قلم مان نڪتل هر مصرع، بلڪ هر لفظ عشقِ رسول ۾ ٻڏل هوندو آهي، اهڙن جو ڪلام ٻڌڻ سان دل ۾ عشق رسول وڌندو، ايستائين جو سمجھ ۾ نه به ايندو تڏهن به دل مطمئن رهندي ته هن جو ڪلام شريعت جي مطابق آهي، سمجھ ۾ اچي يا نه اچي، جهومندا وجو. هي مان انجو انداز ٻڌائي رهيو آهيان جيڪي سرڪار اعلي حضرت رحمۃُ اللہ علیہ کان واقف آهن. عام طور تي ٻين جي ڪلام ۾ هي ڳالھ ناهي هوندي. برادرِ اعليٰ حضرت، شهنشاه سخن حضرت مولانا حسن رضا خان

رحمۃ اللہ علیہ شهزاده اعليٰ حضرت حضور مُفتي اعظم هند مولانا مصطفيٰ رضا خان رحمۃ اللہ علیہ[1] ۽ بين علماءِ اهل سُنت جا لکيل ڪلام پڙهڻ ٻڌڻ سان به اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! عشق رسول ۾ اضافو ٿيندو.
(ملفوظات امير اہل سنّت، 102/10)

**سوال: رسول الله** صلی اللہ علیہ والہ وسلم **جي گستاخي تي مشتمل ويڊيو ڏسڻ ۽ اڳتي موڪلڻ ڪيئن؟**

**جواب:** گستاخي رسول تي مشتمل خاڪن ۽ ويڊيوز ڪي نه ڏسڻ گهرجي نه ئي بين کي موڪلڻ گهرجي. اَلحَمۡدُللّٰه! مون به اَڄ تائين ڪڏهن اهڙي ويڊيو نه ڏٺي آهي نه ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٿورو سوچو ته سهي! جيڪڏهن ڪو اسان جي پيءُ جا ڪارٽون يا نازيبا خاڪا ٺاهي ته ڇا اسان ان کي ڏسڻ پسند ڪنداسين؟ هرگز نه! پوءِ پياري آقا صلی اللہ علیہ والہ وسلم جن تي اسان جون نسلون اسان جا پيءُ ڏاڏا سيئي قربان، انهن جي گستاخانه خاڪن تي مشتمل ويڊيو ڏسڻ ۽ بين کي موڪلڻ اسان جو عشق ڪيئن ٿو پسند ڪري سگهي! اسان ته پياري آقا صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي تعريف ئي ٻڌندا آهيون، ٿوري به ڪمزور ڳالهه ٻڌڻ ڪان اسان جا ڪن ٻوڙا آهن، ڇوته

---

[1] برادرِ اعليٰ حضرت مولانا حسن رضا خان رحمۃ اللہ علیہ جي نعتيه ڪلامن جو مجموعو "ذوقِ نعت" جڏهن ته شهزاده اعليٰ حضرت، حضور مُفتي اعظم هند مولانا مصطفيٰ رضا خان رحمۃ اللہ علیہ جي نعتيه ڪلامن جو مجموعو"سامانِ بخشش" آهي. مڪتبة المدينه انهن ٻنهي ڪتابن کي خوبصورت انداز ۾ شايع ڪيو آهي. هديو حاصل ڪيو.(شعبہ ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت)

محبوب جون صرف خوبيون ڏنيون وينديون آهن ۽ اسان جا محبوب ته اهڙا آهن جن ۾ خوبين کان سواءِ ڪجهه ئي ناهي. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا:

وہ کمالِ حسنِ حضور ہے کہ گمانِ نقص جہاں نہیں
یہی پھول خار سے دور ہے یہی شمع ہے کہ دھواں نہیں

(حدائقِ بخشش، ص107)

(ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت،373/10)

**سوال** : جڏهن نبي پاڪ جو نالو ايندو آهي ته آڱوٺا چو چميا ويندا آهن ؟[1]

**جواب** : نبي پاڪ جي نالي تي آڱوٺا چمڻ جائز آهي، ان ۾ ڪو حرج ناهي، خصوصاً اَذان ۾ آڱوٺا چمڻ جون مختلف روايتون موجود آهن،[2] هي اهڙي ڳالهه آهي جنهن تي دليل پيش ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي. جڏهن پار پيارا لڳندا آهن ته انهن کي چميو ويندو آهي، قرآن اسان کي پيارو لڳندو آهي ان کي چميو ويندو آهي، ايئن والدين ۽ عالمن

---

[1] هي سوال شعبہ ملفوظاتِ امير اهل سُنت قائم ڪيو آهي جڏهن ته جواب امير اهل سنت ئي عطا ڪيو آهي.

[2] حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ اَذان ۾ پياري آقا صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جو نالو ٻڌو ته پنهنجي شهادت جي آڱرين کي چميو ۽ اکين تي لڳايو، پياري آقا صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم هي ڏنو ته ارشاد فرمايو: جيڪو شخص منهنجي هن پياري دوست جيان ڪري ان جي لاءِ منهنجي شفاعت حلال ٿيندي. (المقاصد الحسنۃ، ص390، حدیث:1021)

جا هٿ پير چميا ويندا آهن، ان وقت هي ڳالهه ذهن ۾ ناهي ايندي ته ان جي ڇا دليل آهي؟ پياري آقا صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم جي نالي تي آڱوٺا چمڻ تي شيطان وسوسا وجهندو آهي ته رسول الله صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم جي نالي تي آڱوٺا چمڻ جي ڪهڙي دليل آهي؟ اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہ علیہ هن موضوع تي هڪ رسالو "مُنِيْرُالعَيْنِ فِيْ حُكْمِ تَقْبِيْلِ الْاِبْهَامَيْن" نالي لکيو آهي جنهن ۾ آڱوٺا چمڻ تي ڪيئي دليل موجود آهن، ان کان علاوه، نماز جي احڪام تي به هڪ رسالو "فيضَانِ اَذان" نالي سان آهي جنهن ۾ به آڱوٺا چمڻ تي ڪجهه دليل ڏنل آهن.

؎ عشق دے جھلے ای نمبر لے گئے عقل منداں اینویں عمراں گالیاں

يعني جيڪو عشق شريعت جي دائري ۾ هجي اهڙو عشق ڪندڙ اڳتي نڪري ويندا آهن. هن شعر مان اهي اجڪلهه جا صوفي نظر ايندڙ مراد ناهن، جيڪي فقير بڻجي نشو ڪندا آهن ۽ چوندا آهن "اسان پهتل آهيون، اسان عاشق آهيون" اهڙا ماڻهو رڳو شيطان جا عاشق هوندا آهن، چوته جيڪو رسول الله صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم جو عاشق هوندو، اهو ڪڏهن به شريعت جي خلاف ورزي نه ڪندو.

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت، 399/10)


سوال: هن دور ۾ بدقسمتي سان اسان جي پياري آقا صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم جا مَعاذَالله گستاخانا خاڪا ٺاهي دنيا جي مسلمانن جي جذباتن کي ڇيهو پهچايو پيو وڃي! هي ارشاد فرمائيندا ته اسان انهن گستاخن جو ڪهڙي طرح بائيڪاٽ ڪريون ۽ اهڙو ڪهڙو عمل ڪجي جيڪو اسان جي تسڪين جو سامان تي وڃي؟

جواب: مسلمان عملي طور تي ڪمزور ٿيندا پيا وڃن ۽ گستاخانِ

رسول صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم نٽا چاهين تہ مسلمان عملي طور تي مضبوط ٿين، تنهن ڪري اسان کي انهن جو عملي بائيڪاٽ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ذهن بڻجي تہ دنيا ۾ "فيضَانِ عشقِ رسول" جي نالي سان مسجدون ٺاهيو ۽ گستاخن کي ٻڌائي ڇڏيو تہ توهان جيترا گستاخيون ڪندؤ، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اسان اوتريون وڏيڪ مسجدون ٺاهينداسون ۽ انهن کي آباد ڪري توهان جو عملي بائيڪاٽ ڪنداسون! ۽ جيڪڏهن ممڪن هجي تہ ايندڙ وقت ۾ جيڪي جامعاتُ المدينہ قائم ٿين، انهن مان ڪجهہ جا نالا بہ اهي ئي رکيا وڃن تہ فرق ڪرڻ مشڪل ٿيندو، تنهن ڪري مجلس پنهنجي صوابديد مطابق ڪجهہ جامعات جا اهي نالا رکيا. عام طور تي جڏهن اهڙا دل ڏکوئيندڙ واقعا پيش ايندا آهن تہ مسلمان وڏا پُرجوش ۽ غضبناڪ  هوندا آهن، ٿي سگهي ٿو جوش ۾ اچي مسجد ٺاهڻ جي نيت بہ ڪري ڇڏين، پر پوءِ شيطان جي وسوسن ۾ اچي يا مختلف بهانا ڪري ان ڪان محروم رهجي ويندا آهن، لهٰذا نيت ڪرڻ سان گڏ ئي پئسا الڳ ڪري ڇڏيو تہ هي مسجد جا آهن، پوءِ جڏهن علائقي ۾ مسجد ٺهي تہ ان ۾ پنهنجو حصو ضرور شامل ڪيو. الله پاڪ گستاخن کي هدايت عطا فرمائي تہ اهي گستاخي ڇڏي عاشق رسول صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم بڻجي وڃن. ياد رهي! گستاخ رسول جو اسلام سان ڪو تعلق ناهي، جيتوڻيڪ هو پاڻ کي مسلمان سڏي، ڇو تہ سرڪار صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي شان ۾ ٿوري بہ گستاخي ڪندڙ ڪافر ۽ مرتد آهي ۽ ان جو نڪاح ٽٽي ويندو آهي. (بهارِ شريعت، 463/2، حصو: 9) اهو هميشہ لاءِ دوزخ ۾ رهندو، سندس دنيا ۽ آخرت ٻئي برباد آهن. (ملفوظات امير اهل سنت، 405/10)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net